٧٨٦

٩٢

ثُلَّةٌ مِّنَ الْأَوَّلِينَ وَقَلِيلٌ مِّنَ الْآخِرِينَ

القرآن

مثل أمتي كمثل المطر لا يدرى أوله خير أم آخره

الحديث

# احسن التقرير في جواب التحرير

يعني

مولوي محمّد عثمان کورواهي جي تحرير
جو مفصل ۽ مُدلل جواب .


از قلم :

عمدة العلماء زينة الفقهاء واعظ الإسلام حافظ القرآن
حضرت علامه مولانا قاضي نظر محمد سومرو قدس سره



شايع ڪندڙ :

مولوي قاضي نور احمد سومرو

ابن حضرت مؤلف قدس سره

ديھات شريف، تعلقه ڪنڊيارو

ضلع نوشهرو فيروز سنڌ

حاضر ہوا میں شیخ مجدّد کی لحد پر
وُہ خاک جو ہے زیرِ فلک مطلعِ اَنوار

اس خاک کے ذروں سے ہیں شرمندہ ستارے
اس خاک میں پوشیدہ ہے وہ صاحبِ اسرار

گردن نہ جھکی جس کی جہانگیرؒ کے آگے
جسکے نفسِ گرم سے ہے گرمئی احرار

وُہ ہند میں سرمایۂ ملّت کا نگہبان
اللہ نے بروقت کیا جسکو خبردار

(علامہ اقبالؒ)

# حضرت امام رباني مجدد الف ثاني حضرت احمد سرهندي فاروقي جي تعريف ۾ علامه اقبال هي بيت فرمايا آهن.

(ترجمه)

آئون حضرت مجدد الف ثاني جي روضي شريف تي حاضر ٿيس،
اُها خاڪ جيڪا آسمان جي هيٺان مطلع انوار آهي.

اُن خاڪ جي ذرن کان (آسمان جا) تارا شرمنده آهن،
اُن خاڪ ۾ اهو رازن وارو صاحب مدفون آهي.

جنهن جو گردن مبارڪ (وقت جي بادشاه) جهانگير جي اڳيان نه جُهڪيو
جنهن جي فقر جي گُلي سان دستار کي سونهن آهي.

پاڻ هندستان ۾ سرمايهٔ ملت جا نگهبان آهن،
الله تعالىٰ کين بر وقت خبردار ڪيو آهي.

مترجم:
عبده عبدالوحيد سرهندي
از: درگاهه مجدديه - ٽنڊو سائينداد.

٤٨٦
٩٢

ثُلَّةٌ مِّنَ الْأَوَّلِينَ وَقَلِيلٌ مِّنَ الْآخِرِينَ

القرآن

مثل امتي كمثل المطر لا يدري اولها خير ام اوسطها ام آخرها

الحديث

# احسن التقرير في جواب التحرير

يعني

مولوي محمد عثمان كوروهي جي تحرير
جو مفصل ۽ مُدلل جواب.

از قلم:

عمدة العلماء زينة الفقهاء واعظ الاسلام حافظ القرآن
حضرت علامه مولانا قاضي نظر محمد سومرو قدس سره

شايع كندڙ:
مولوي قاضي نور احمد سومرو
ابن حضرت مؤلف قدس سره
ديهات شريف، تعلقه كنڊيارو
ضلع نوشهرو فيروز

نالو:- اَحسَنُ التَقرِيرِ فِي جَوَابِ التَحرِيرِ

سائيز:- ٢٣ × ٣٦ / ٨

تعداد:- هڪ هزار

دفعو:- پهريون

مؤلف:- حضرت مولانا مولوي نظر محمد سومرو
واعظ الاسلام قدس سرهٗ

ڪتابت:- نور احمد سومرو

ڇپائيندڙ:-

مطبع: نيو گرين پرنٽرس صدر حيدرآباد

تاريخ اشاعت:- ربيع الاول ١٤١٨ هجري

قيمت:-

ملڻ جو هنڌ:- مدرسه مجدديه شهر ديهات
تعلقه ڪنڊيارو ضلع نوشهرو فيروز

ميان عبدالواحد بڪ ڊپو جهونا مارڪيٽ
ڪراچي ٢

# تحرير مولوي صاحب محمد عثمان نورنگ زاده جي

جيڪو شخص چوي ٿو ته شيخ احمد مجدّدي سرهندي الف ثاني قدّس سرّهُ جو درجو حضرت شيخ المشائخ قطب الاقطاب غوث الاغواث السيّد عبد القادر جيلاني رضي الله عنه وارضاهُ کان وڌ آهي، تنهن جو مثال ان شخص جهڙو آهي جو آفتاب عالمتاب سج روشن کان ڪنهن هڪڙي تاري چمڪندڙ کي وڌ چوي اهو قصور يا ته ان جي اکين جو آهي يا ته ان کي سج سان حسد آهي يا ته ان، رڳو رات ئي رات ڏٺي آهي ۽ سج ڏٺوئي نه اٿس جي سج کي ڏسي ها ته هرگز ائين ڪين چوي ها.

افسوس! اي مجدّدي تعصّب ۽ حسد جي راه کان اهڙا ابجا لفظ ڪيون ٿا جي هرگز به ٺٺ جائي لائق نه آهن

هاڻي پڇوس ته شيخ احمد سرهندي مجدّدي پنهنجي مڪتوبات ۾ لکيو آهي ته جيڪي غوث يا قطب جهان ۾ آهن ۽ ٿيندا سي سڀ بالنيابة هئا يعني ٻين اڳين غوثن جا نائب هئا، ٻارهن امام ۽ تيرهون عبد القادر جيلاني رضي الله عنه، هي تيرهن شخص غوث بالاصالة آهن، يعني اصلي غوث آهن، جن کي غوثيت جو درجو خود حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم کان حاصل ٿيو آهي ۽ ٻيا ٻين جا نائب نه آهن بلڪ ٻيا ڪل انهن جا نائب آهن.

هاڻي ٻڌاءِ ته ان مان ڇا ثابت ٿئي ٿو، شيخ احمد مجدّدي

جي غوث آهي نه بدانن جو نائب آهي - غوث بالاصالة نه
اصلي نه آهي جو خود سند هئس. لکڻ کان معلوم ٿي چڪو
۽ ڏس ڪُٺي مجدّدي شيخ احمد سرهنديءَ جون سالو
"عُمدة و مجاد" نالي فارسي جو هينئر سنه ١٣٣٠ هه ۾ مطبع مجددي
امرتسر ۾ ڇپيو آهي تنهن ۾ شيخ احمد قدس الله سره تو
لکي ته آخرين يعني پويون عروج منهنجو اصل الاصل مقام
ڏي جيڪو ٿيو سو مدد کان روحانيت حضرت غوث اعظم
محي الدين شيخ عبدالقادر جي ٿيو اها عبارت هي آهي -

دراين عروج اخير که عروج درمقامات اصل است مدد از
روحانيت حضرت غوث اعظم محي الدين شيخ عبدالقادر
جيلاني قدس الله تعالى سره الاقدس وبقوت تصرف
ازآن مقامات گذرانيده به اصل الاصل واصل گردانيدند

هاڻي ڏس ته جڏهن سيني کان پويون يعني سڀني
کان مٿيون مقام ولايت جو شيخ احمد سرهنديءَ کي حضرت
غوث جي مدد کان حاصل ٿيو، ته جڏهن هو هُن جو مرشد
حقيقي ۽ مرشد اصلي ٿي چڪو، پوءِ هو پنهنجي مرشد پير
هادي کان ڪيئن وڌي سگهندو -

۽ مولوي نظر محمد صاحب بعضي عبارتن تي شيخ احمد
سرهنديءَ جي فريب کاڌو آهي جو ڪن جاين تي هن ائين
لکيو آهي ته شيخ عبدالقادر جيلاني جو قدم فقط ان
وقت جي ولين جيئرن تي هو نه پوين تي، پر مولوي صاحب

جي مدد سان حاصل ٿئي، سو پلاند اءِ ته جنهن شخص
جي مدد کان کيس مٿيون درجو حاصل ٿئي ته ان کان
پاڻ جو هن جو مريد آهي سو وڌيڪ سگهندو ۽ هرگز نه
پيو. سبب هي جو انهين مڪتوبات امام رباني جي
توڙي سندس هين ڪتابن ۾ تمام اهڙيون گهڻيون
جايون آهن جي هڪ ٻئي جي برخلاف آهن، هڪڙي
هنڌ هڪڙي طرح ته ڳالهيون ڪري ٿو ٻي هنڌ ٻي طرح
جي هڪ ٻئي جي تناقض آهن، انهين جو سبب هي
آهي جو ڪشف جي صورت ۾ هڪ حالت هرگز نه رهندي
آهي پوءِ انهن متناقض ڳالهين کي هڪ ٻئي جي مطابق
ڪرڻ بدران اٿڻ بنگن جو ڪم آهي هو ڪنهن جو نه آهي
ياته هُو جي انهن جي ڪشف کان واقف يا ته ڪتابن جي
عبارتن جي ماسبق، ماقبل، مابعد کان پوري طرح واقف
۽ تمام گهڻي جاچ ڪئي هجيس، ته تڏهن سمجهي سگهندو
هي فقير الحمدُ لِلّٰه، اگرچه قادري ۽ حضرت غوث اعظم
قَدَّسَ اللّٰهُ سِرَّهٗ جو خاص ڪتو آهي، سندس درگاه
فيض اشتباه کان هر طرح مدد ۽ فيض جي حاصل ٿيڻ جو
اميدوار آهي پر تنهن هوندي به ٻين طريقن جي بزرگن
جو خاص غلام ۽ معتقد آهي - امام رباني مجدد الف ثاني
قَدَّسَ اللّٰهُ سِرَّهٗ سان چڱو اعتقاد رکان ٿو ۽ ان جا ڪتاب
به چڱي طرح مطالع ڪيا اٿم - مڪتوبات شريف سندن جو

ڇاپو صريحًا غلط آهي، "تنهڪري هيءُ صحيح سالم سُنو شرح وارو جو مڪتوبات امرتسر مطبع مجدّدي ۾ ڇپيو جو ڪل نو حصا ٿيندو، جنهن مان چار حصا ڇپجي چڪا آهن. هر هڪ حصي جي قيمت سوا رپيو آهي. اهي چار ئي مون وٽ موجود آهن". مولوي صاحب جن شايد اهي ڇاپا ڏٺا به ڪين هوندا. انهن ڪتابن جي مطالعي ۽ خوض ڪرڻ کان پوءِ جيڪا ڳالهه مونکي معلوم ٿي آهي سا هيءَ آهي. آءٌ توکي ٿو ٻڌايان اها اٿئي قول فيصل جي انصاف ڪندين ته وري هرگز ڪين چوندين ته امام ربّاني ڪو حضرت شيخ جيلاني کان وڌ آهي". وڌ ته ڇا پر مٽ به هرگز ڪين چئي سگهندين". آءٌ توکي اهو قول فيصل هتي ٿو ٻڌايان پوءِ وڻئي ته مڃ وڻئي ته ڇڏ

خواجه محمد معصوم امام ربّاني جي فرزند سندس مڪتوبات ۾ لکيو آهي ته "منهنجي والد مرحوم وفات جي مهل مونکي پاڻ وٽ سڏي فرمايو ته هن مقام مونکي اهل بيتن سڳورن جي باغ ۾ وٺي ويا ۽ عبدالقادر جيلاني جو باغ به مونکي ڏيکاريائون پوءِ اهل بيتن ۽ پنجن تنن سڳورن ۽ حضرت عبدالقادر جيلاني جي اچي چٽو تعريف ۾ جا بيان ڪري ٻڌايائين ۽ پوءِ وفات ڪيائين" اُن مان اها ڳالهه معلوم ٿي ته وفات کان اڳ انهي امام ربّاني کي حضرت عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه جي

ڏاڍو رنو ۽ پڇو پڇيائين ته بيشڪ عبدالقادر جيلاني
سردار آهي سڀني ولين جو ۽ ان جو قدم قائم
آهي سڀني جي گردن تي“.
شيخ ڪري ٿو چوي ٿو ته ڪو به ولي انهن حضرت پيران
پير رضي الله عنه جن جي مدد کان سواءِ هرگز
ولايت کي پهچي نٿو سگهي“. ڏس ته مرحوم محمد محسن
لنڳاري وارو سنڌس والد مرحوم جي مناقبن ۾
جو ڪتاب فارسي لکيو آهي تنهن ۾ لکيو اٿس ته منهنجو
والد مرحوم فرمائيندو هو ته ان ڳالهه جي اسان کي پڪ
ٿي چڪي آهي ته ڪو به ولي الله حضرت علي رضي الله
عنه ۽ حضرت عبدالقادر جيلاني رضي الله عنه
جي مدد کان سواءِ ولي ٿي ڪين سگهندو“.
ڏس اهو ئي رڳو خود مجدد ڏي نقشبندي پيچاڻو
اقرار ڪري- اهڙا اهڙا بزرگ مجدد ڏي ان بزرگ
جيلاني کي وليت ۾ يڪتا چئي ويا آهن“.
خود امام رباني به اهو اقرار ٿو ڪري جو چوي
ٿو ته مونکي ولايت اصل الاصل واري انهيءَ بزرگ
جي مدد سان ملي“.
”تنهن مولوي صاحب کي بدعتي ڪرڻ کان توبه ڪرڻ گهرجي
پر جي لکي پڙهي ڪند وته حضرت غوث اعظم جا
غلام الحمد لله گهڻا آهن جي انشاء الله ائين ئي چي

پوري ٿيڻو ڪندس جو پتو پوندس".

اصل سچي ڳالهه هي آهي ته حضرت غوث الاعظم رضي الله عنه ۽ امام رباني جي وچ ۾ فرق مريد ۽ مرشد ۽ تابع ۽ متبوع ۽ هادي مهدي جو آهي" حضرت غوث الاعظم آهي مرشد ته مجدّدي آهي مريد حضرت غوث آهي متبوع، هو آهي تابع هو هادي ته هو مهدي، هو حضرت جيلاني آهي آسمان ته هو آهي زمين ڪجا آسمان ڪجا زمين، ڪاٿي ڪيڏ ڪاٿي ڪير، ڪاٿي ٿئو ڪوهيار، ڪاٿي ڀٽ ڪٿي. لکندڙ حضرت غوث اعظم جو ڪتو

محمد عثمان معلم الفقه

مدرسة الاسلام

سنڌ ڪراچي

بندر

پ

# أَحْسَنُ التَّقْرِيْرِ
# فِيْ
# جَوَابِ التَّحْرِيْرِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

**قوله:-** جيڪو شخص ڇپي لوٺ شيخ احمد مجددي سرهندي **الف ثاني قُدِّسَ سِرُّهٗ** جو درجو حضرت شيخ المشائخ قطب الاقطاب غوث الاغواث السيد عبد القادر جيلاني رضي الله عنه وارضاه کان وڌ آهي -

**اقول:-** هن عبارت ۾ ڪيترا خدشا وارڌ ٿيا ٿين. هڪ تہ بزرگ لکندڙ کي حضرت شهباز لامکاني اويس رحماني حضرت امام رباني مُجَدِّدُ الف ثاني قدس سره النوراني جي حالات ۽ مقامات جي پوري واقفيت ئي ڪانهي جو سندن لقب مبارک ”مُجَدِّدْ“ کي نسبت جي مجددي ڪري لکيو اٿس، حالانڪ هي ڳالهہ تہ اَظْهَرُ مِنَ الشَّمْسِ وَاَبْيَنُ مِنَ الْاَمْسِ آهي تہ مُجَدِّدِي انکي چئبو جو نسب يا مريدي جو توسل حضرت مُجَدِّدْ الف ثاني قُدِّسَ سِرُّهٗ سان رکندڙ هُجي - سندن اولاد يا سندن طريق وارن کي عربستان، هندستان، خراسان ۽ ٻين ملڪن ۾ مُجَدِّدِي ڪري ٿا ڪوٺن - خود حضرت محبوب سبحاني مُجَدِّدْ الف ثاني قُدِّسَ سِرُّهٗ کي احراري ڪري ٿا سڏن نہ مجددي

”السلسلة الذهبية“ للشيخ عبد الاحد قدس سره، ”بركات احمديه“، ”كواكب دريه“، ”حجة الاحمديه“ ”تاريخ محمد شافي“، ”تاريخ ميرسيد صغير احمد“، ”تجديد نجم الهدىٰ“، ”مقامات معصوميه“ طبقات معصومي ”ياقوت احمر“، ”لطائف مدنيه“ ”مقامات نقشبنديه“ ”ذكر مجدد“، ”مقامات امام رباني مجدد الف ثاني“ ”در المعارف للشيخ رئوف احمد صاحب تفسير رئوفي“ ۽ ٻين ڪتابن کي ڏسڻ گهرجي، يا مضمون حقيقت جي خبر رکندڙ اهو لقب ڪين ڪڍي سگهي سال ميلو ۽ حضرت سرور ڪائنات جي ڪين ڪڍي بشارت ملي ۽ وقت جي ڪن بزرگن انجي اقرار ڪرڻ ۾ ڪتاب لکيا) اتس ته جيئو ته هنڪري ائي ۽ اهانت جو نمونو ڪري لقب بابرکت پوري نه آندو اتس، شال انهي هنڪري ائي جي اعتقاد ڪان رب سائين سيني کي حفاظت ۾ رکي۔

دارا شڪوه قادري، جنهن ”سفينة الاولياء“ ۽ ”مجموعه شطحات“ ۽ ٻيا ڪتاب جوڙيا آهن انجي به عادت هئي ته حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جي اولاد ۽ ٻين مجددين جي هتڪ ائي ۽ اهانت ڪندو هو، انهي ۽ حضرت رسول اڪرم صلى الله عليه وسلم جن ترا جوهر روضهٔ مبارڪ مان ڪيهي حضرت خواجه محمد معصوم کي فرمايو ته جو مجددين جو دشمن آهي ان لاءِ منهنجي

از علمای راسخین وغوث العالمین قطب الاقطاب
عالی جناب مظہر خوارق وکرامت جامع درجات ولایت
دافع بدع وضلالت عامل سُنّت وجماعت وارث
کمالات نبویہ مزین اطوار احمدیہ عارج معارج نقشبندیہ
امام طریقت ومقتدائے حقیقت ہست ودر طریق نقشبندیہ
مجدّدیہ امام ست ودر شریعت وطریقت پیشوائے
کمال اہل اسلام۔

جيڪڏهن عاملن جي ڪنهن انسان تعريف نڪئي
نه ڪئي ڪونهي اُهي الله جلّ جلالهٗ جا بلا شبه مقبول
۽ پسند آهن۔

ندارند چشم از خلائق پسند  که ایشان پسندیدهٔ حق بسند

**قوله:-** نه هو مثال ان شخص جهڙو آهي جو آفتاب
عالمتاب سج روشن کان ڪنهن هڪڙي چمڪندڙ تارڪي ڏيئي

**اقول:-** هن عبارت مان بدڪيتريون ڳالهيون ثبوت
نڪرن. هڪ ته معلوم ٿو ٿئي ته جو شخص پنهنجي محبوب
کي علي الاطلاق سڀني کان زياده چاهي اهو نادان آهي
ظاهر آهي ته جيستائين پنهنجي مُربّي کي سڀني کان زياده نه
چاهيندو تيستائين ان کي فائدو مدد مشڪل ٿيندو۔

ڏسو طريقي چشتي وارا حضرت خواجه ولي هند،
معين الدين اجميري قدّس الله تعالیٰ سرّهٗ الاقدس
کي سڀني ولين کان زور ڀلو ڪري ٿا ڄاڻن - سوانح عمري

حضرت خواجه معين الدين قدس سره جي ۾ ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي، ليڪن اهڙي طرح پين سلوڪ جي ڪتابن مان اهو ڪلي قاعده ظاهر آهي.

حضرت امام رباني قدس سره جي تاريخي مثال ڏيڻ ۾ ڪيتري جرأت آهي، ته هي نه ٿو ڄاڻي ته حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره ۽ حضرت غوث الثقلين جگر گوشه حسنين ڪريم الطرفين ڦيادس قنئين حضرت عبد القادر جيلاني قدس سره جي وچ ۾ جي وڏا مشائخ ۽ محدث، جي طريقه قادريه جي اشاعت ۾ مشرف هوا، سي پڻ فرق نه ڪري سگهيا، مگر هن تاريخ ۾ سڀ جو فرق ڪري لکيو آهي.

هاڻي هت حضرت مرزا مظهر جان جانان محدث دهلوي جو مڪتوب ٿو آڻيان، ته هن مان چڱي طرح سان معلوم ٿيندو ته واقعي لکندڙ سڳوري جي جاچ ڪئي آهي.

معلوم ڪرڻ گهرجي ته حضرت مرزا صاحب قدس سره اهو آهي جنهن جا حضرت قاضي ثناء الله پاني پتي قدس سره جهڙا ڪيترا مشائخ وقت جا سڳ دروازه آهن، شاه رفيع الدين قدس سره جي ساڻن لکيل آهي. ڪلمات طيبات ۾ سندن جنسي مڪتوب لکيل آهي. سندن علمي ڪمال ۾ مرتب "حدائق الحنفيه" ۾ ڏسڻ گهرجي. سندن حالات

له مطبوعه نولڪشور ص ٣٣ ، ١٤

بهرحال لکندڙ جو گمان آهي ته مان حضرت امام ربّاني مُجَدِّدُ الف ثاني قُدِّسَ سِرّهٗ کي حضرت محبوب سبحاني قدس سره کان مٿي تو ڄاڻان سو غلط آهي منهنجو لکيل ڪتاب ”روضة القيوميه“ جو ترجمون آهي (جو اصل فارسيءَ ۾ آهي) جنهن جا منتخب ترجما عربيءَ ترڪيءَ ۾ ڇپيل آهن - اردو زبان ۾ ترجمون ”حديقة المحموديه“ نالي ڪيوائين جو مطبع مجتبائي دهليءَ مان ڇپيل ملي سگهندو - اهو ڪتاب حضرت شاه عبدالحق محدث دهلوي جي اولاد جي تنظيمان گڏيل آهي - پر هندستان ۾ هر عالم وٽ گهڻو ڪري موجود آهي ان ۾ بي شڪ عَلیٰ الاطلاق حضرت مجدد الف ثاني قُدِّسَ سِرّهٗ کي پيو تو ڄاڻي مگر آئين نه چوي ته فلاڻي کان يا فلاڻي کان -

۽ اهو قول يعني حضرت امام ربّاني مُجَدِّدُ الف ثاني قُدِّسَ سِرّهٗ کي پلو ڪري ڄاڻڻ سو ڪيترن اڳين وليّن جو بيٺو رايو آهي - جيئن خود حضرت ميرزا صاحب قُدِّسَ سِرّهٗ جي ڪن روايتن ۾ اهو رايو ڏنو آهي ، جيئن ته معمولات مظهري ص ۴۵ ۾ هي ارشاد آهي - مي فرمودند يک بار بجمال جهان آراي سرورِ ڪائنات عليه افضل الصلوٰة والتحيات مشرف شدم گويا در ڪنار آنحضرت برابر زدا ڪشيده ام ورا حت

توئی محبوب رحمانی توئی مقبول سبحانی
ہمیشہ درد دارم از غم و رنج و پریشانی [1]
گذشت از حد پریشانی مددای شیر یزدانی
مُجَدِّدْ الف ثانی قطب حق قیوم ربانی [2]

ٻئي جهڙي غزل ۾ تون فرمائي -

پہونچا نہ تا بمنزل کوئی ولی کامل
جب تک نہ وہ پکارا یا حضرت مُجَدِّدْ الخ

حضرت خواجه شاه معصوم مهاجر مکي ڇا نه چڱو فرمايو آهي -

اگر پوچھو کہ بعد الف ثانی سے قیامت تک
جہاں میں فیض ہے کس کا مُجَدِّدْ الف ثانی کا الخ

سڄا غزل ۽ قصيدا لکڻ ڊيگهارو ٿي پوندو - متان اهو شڪ پوي ته اهي حضرات ۽ ٻين جن حضرت امام رباني مُجَدِّدْ الف ثاني قُدِّسَ سِرُّهٗ جي تعريف ۾ قصيدا ڪيا آهن ”جهڙو حضرت قيوم جهان شاه صفي الله قُدِّسَ سِرُّهٗ (الخ) هڪ وڏو قصيدو چيو آهي تنهن ۾ هي بيت به آهي

بعد پيغمبر در اقليم شهود    اينچنين شاه نيامد بوجود

آهي حضرت محبوب سبحاني غوث الثقلين قُدِّسَ سِرُّهٗ کان ڦريل آهن اَلْعِيَاذُ بِاللّٰهِ -

---

[1] تون آهين محبوب ۽ تون آهين مقبول الله تعاليٰ جو آهين :: هميشه درد مند آهيان غم ۽ رنج ۽ پريشاني کان -
[2] پريشاني حد کان وڌي وئي مدد ڪر اي شير خدا جا : مُجَدِّدْ الف ثاني قطب خدا جا قيوم رباني -

